
# حضرت بلال حبشي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

## جون 8 حڪايتون

**26-AUGUST-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

26 آگسٽ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جون 8 حڪايتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

❖... حضرت بِلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي قبولِ اسلام جي ايمان افروز حڪايت

❖... قرآنِ ڪريم ۾ حضرت بِلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جا فضائل

❖... قيامت جي ڏينهن حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو شان

❖... حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي هڪ ايمان افروز آذان

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان به حفاظت ٿيندي، گُناهن کان به محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن به مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري وٺو! ان جا به 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو ته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.**

## درودِ پاڪ جي فضيلت

رسولِ ڪريم ، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ رحمت نشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب مان جلد نجات ماڻڻ وارو شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دُنيا ۾ گهڻا دُرود شريف پڙهيا هوندا.** (مسند الفردوس ،جلد: 5، صفحہ:277 ، حديث : 8175)

پڑھتا رہوں کثرت سے درودان پہ سدا میں اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

(وسائل بخشش، صفحہ:114)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ چڱي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي. (جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284)

اي عاشقانِ رسول! هر جائز ڪم کان پهريان سنيون نيتون ڪري ونو! هن سان ثواب وڌي ويندو آهي. بيان ڪرڻ کان پهريان بہ سٺيون نيتون ڪري ونو! مثال طور نيت ڪريو! ❖ عِلَم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان دروان سُستي کان بچندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (1): هڪ غُلام جي قبولِ اسلام جي ايمان افروز حڪايت

پيارا اسلامي ڀائرو! دِينِ اسلام جو ابتدائي دَور، جڏهن اسان جي پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نبوت جو اعلان فرمايو، اهو دَور سخت آزمائش جو دَور هو، مسلمانن تي ظُلم ۽ ستم جاري هو، انهن کي ستايو پئي ويو، مکي جا ڪافر اِسلام جي مخالفت ۾سيئي هڪ پاسي گڏ هئا، ان دَور ۾ هڪ وقت اهو بہ آيو جو جڏهن پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي يارِ غار حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان گڏ هڪ غار ۾ ويا.

ان ڏهاڙن جي ڳالهہ آهي، اللّٰه پاڪ جا رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ غار ۾ تشريف فرما هئا، هڪ ڏينهن مَڪ مُڪرَّمہ جي هڪ وڏي ڪافِر عبد الله بِن جُدعان جو هڪ غُلام ٻڪريون چاريندي ان غار ڏانهن اچي نڪتو. محبوبِ خُدا، سردارِ انبيا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي ڏسي سڏي فرمايائون: يَا رَاعِی هَلْ مِنْ لَبَنٍ اي ٻڪريون چاريندڙ! توهان وٽ ڪجهہ کير آهي؟ غُلام عرض ڪيو: جي ها! هڪ

بڪري آهي، ان ۾ منهنجو ڪاڏو آهي (يعني مان غُلام آهيان، تمام بڪريون منهنجي مالِڪ جون آهن، انهن مان هڪ بڪري جو کير منهنجي لاءِ مقرر آهي) جيڪڏهن اوهان چاهيو ته پنهنجي حصي جو کير اوهان جي لاءِ ايثار ڪري سگهان ٿو.

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اها بڪري ڪاهي اچو! غُلام بڪري ڪاهي حاضِر ٿيو، معجزا ڏيکاريندڙ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پيالو ڪنيو پنهنجي قُدرت واري، بي مثال هٿن سان ان بڪري جو کير ڏوهي پيالو ڀريائون، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کير پيتو، وري کير ڏوهي پيالو ڀري حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه کي عطا فرمايو، ان به پيٽ ڀري پيتو، آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ٽئين ڀيري بڪري جو کير ڏوهي پيالو ڀري ان غلام کي عطا فرمايو، ان غُلام به پيٽ ڀري کير پيتو. ٽن ماڻهن پنهنجي حاجت جي مطابق کير پيتو، ان جي باوُجُود بڪري جا ٿڻَ اجا به کير سان ڀريل هئا. اهو معجزو ڏيکارڻ کان بعد مبلغِ اَعظم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هَلْ لَكَ فِي الْاِسْلَامِ؟ يعني اي غُلام! ڇا اسلام قبول ڪندين؟

نُوراني چهرو، خوبصُورت ادائون، مٿان وري اهو معجزو، اهو سڀ ڏسي اهو غُلام عاشِق ته ٿي پهريائين ٿي چڪو هوندو. هاڻي اِسلام جي دعوت ٻُڌي يڪدم اُٿي وڏي محبوب رَبّ، سردارِ عرب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي هٿن تي اِسلام قبول ڪري ورتو.

سرکش جو تھے قائل ہوئے، دُشمن جو تھے مائل ہوئے مَسْحُور کن ہے کس قدر یامصطفےٰ لہجہ ترا

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن ته مڪي جا ڪافر ايمان آڻيندڙن تي ظُلم ڪندا هئا، تنهنڪري حڪمت جي پيڪر، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ان عظيم عاشِقِ رسول کي في الحال ايمان لڪائڻ جو حڪم ڏنو. ان ڪري هُو غُلام حُڪمِ مصطفيٰ تي لبيڪ چوندي واپس هليو ويو.

خُوش نصيب غُلام جيڪو غُلاميءِ مصطفيٰ ۾ اچي اسان غُلامن جي سرداري جو تاج مٿي تي سجائي چڪو هو، جڏهن هو پنهنجي دُنياوي مالِڪ جي گهر پهتو تہ هڪ عجيب ڳالهہ ڏسڻ لاءِ مليِ، ٻڪريون تہ ٻهريان بہ چاريندو هو پر اَڄ اهي ٻڪريون مصطفيٰ ڪريم جي چهري جي زيارت ڪري آيون هيون، اڄ انهن ٻڪرين کي خدمتِ مصطفيٰ جو شرف نصيب ٿيو هو، ان ڪري حيرت انگيز طَور تي اَڄ ٻڪرين جو کير پهريان کان ڪيئي ڀيرا وڌي ويو هو. ٻڪرين جي مالِڪ ۽ گهر وارن جڏهن کير جي اها زيادتي ڏٺي تہ غُلام کي چوڻ لڳا: اي غُلام! لڳي ٿو اَڄ تو سٺي چراگاهہ ۾ ٻڪريون چارڻ ويو هئين، آئنده اُتي ئي ٻڪريون چاريندو ڪر.

عاشِق کي ٻيو ڇا کپي...؟ محبوب جو ديدار. دِل اها چوي ٿي تہ: اهو غُلام جيڪو اڄ چهرهءِ مصطفيٰ جي زيارت ڪري آيو هو، ان جي دِل تہ اڳ ۾ ئي تڙپي رهي هوندي، اهو تہ پهريان اهو چاهيندو هوندو تہ ديدارِ مصطفيٰ جو ٻيهر ڪو موقعو ملي وڃي. سُبْحٰنَ الله! محبوبِ خُدا، سردارِ انبيا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معجزن بهانو بہ ٺاهي ڇڏيو.

ايئن لڳي ٿو تہ پنهنجي " مالِڪ" جي اها ڳالهہ ٻُڌي ان عظيم عاشِقِ رسول جي دِل ماندي ٿي وئي هوندي، صبح ٿيڻ جو انتظار شروع ٿي ويو هوندو، هو سوچيندو رهيو هوندو تہ ڪڏهن صبح ٿيندو، ڪڏهن مان ٻيهر چهرهءِ مصطفيٰ جي زيارت جو شرف حاصِل ڪندس، ان اها رات ڪيئن گذاري هوندي...! انتظار جون راتيون هونئن ئي تمام گهڻيون ڏکيون هونديون.

شبِ ہجر کی درازی کوئی اُن سے جا کے پوچھے     تیری راہ تکتے تکتے جنہیں صبح ہو گئی ہے

شايد اهو عاشِقِ رسول سڄي رات يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپندو رهيو هوندو، شايد سڄي رات ننڊ بہ نہ آئي هوندي. ڪڏهن مصطفيٰ ڪريم جو چهرو اکين جي سامهون ايندو هوندو، ڪڏهن مصطفيٰ، جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهين جي

خوشبو محسوس ڪندو هوندو، ڪڏهن پنهنجو ڪلمو پڙهڻ ياد ايندو هوندو ته پنهنجي نصيب جي معراج تي خوش ٿيندو هوندو. خبر ناهي اها رات ڪيئن ڪٽي هوندي...؟

شبِ ہجر یُوں دِل کو بہلا رہے ہیں    کہ دِن بھر کی بِیتی کو دُہرا رہے ہیں

رات جيئن تئين گذري وئي، صبح ٿيو ته آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سچو غُلام ٻڪرين ساڻ غار جي ويجهو پهچي ويو، محبوبِ ذِي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ ڪير پيش ڪيو، مصطفيٰ ڪريم جي چهري جي زيارت ڪندو رهيو، ڏِين جون ڳالهيون سڪندو رهيو، شام ٿي، گهر واپس موٽيو، پوءِ اڳئين صبح جو انتظار آهي.

شربتِ دِید نے اور آگ لگا دِی دِل میں    تپشِ دِل کو بڑھایا ہے بجھانے نہ دیا
اب کہاں جائے گا نقشہ ترا میرے دِل سے    تہِ میں رکھا ہے، اسے دِل نے گمانے نہ دیا

ٻي رات به جيئن ڪٽي تئين ڪٽي، صبح جو ٻيهر حاضِر ٿيو. ٽي ڏينهن ته ايئن آرام سان گذري ويا پر عشق ۾ اهو به عشقِ مصطفيٰ ڪا آسان ڳالهه نه آهي، عشق امتحان وٺندو آهي، عشق ۾ عاشق جي پَرَک ڪئي ويندي آهي، ان عظيم عاشقِ رسول جو به اجا امتحان ٿيڻو هو، ٽي ڏينهن آرام سان گذريا، محبوب جي خِدمت ۾ حاضِري جو سلسلو رهيو، چوٿين ڏينهن کان محبوب جو اهو وَصل هجر و فراق ۾ تبديل ٿي ويو، اِيمان آڻڻ جي چوٿين ڏينهن کان امتحان شروع ٿيو. مُعَاملو اهو ٿيو جو مڪي جو فِرعَون يعني ابوجهل هڪ ڏينهن عبد الله بِن جُدعان (يعني عاشِقِ رسول غُلام جي دُنياوي مالِڪ) جي گهٽي مان لنگهيو، ان ٻڪرين کي ڏٺو ته حيران ٿي چيائين: ڏاڍيون صحت مند ٻڪريون آهن، ڪير به گهٽو آهي...! عبد الله بِن جُدعان چيو: پهريان ائين نه هو. ٽي ڏينهن ٿيا آهن، ٻڪرين جو ڪير حيرت انگيز طَور تي وڌي ويو آهي.

روايت جا الفاظ آهن، ابو جهل اها ڳالهه ٻُڌي ته يڪدم چيائين: مان قسم کڻي چوان ٿو! توهان جو غُلام جيڪو ٻڪريون چاري ٿو، ان کي خبر آهي ته مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ) ڪٿي آهن. مطلب اهو هو ته اوچتو ٻڪرين جو کير وڌي وڃڻ جي هڪ ئي صُورت آهي، اها هي ته اهي ٻڪريون مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي چڪيون آهن.

اندازو ڪيو! اَبُوجهل بدبخت کي ڪيترو يقين هو، ابوجهل کي خبر هئي ته اوچتو ٻڪرين جو کير وڌي وڃڻ، اهو ڪو معجزو آهي ۽ صِرف هڪ ئي آهي جيڪو اهو معجزو ڏيکاري سگهي ٿو ۽ اهو آهي: مُحَمَّد بِن عبد الله (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ). **پيارا اسلامي ڀائرو! اَبُوجهل جي بدبختي،** ضِد ۽ هٺ ڌرمي ڏسو! ايترو يقين هئڻ جي باوُجُود به ان بدبخت ڪلمو نه پڙهيو.

خير! عبد اللّٰه بن جُدعان به ڪافِر هو، ان ابوجهل جي ڳالهه ٻُڌي ته عاشِقِ رسول غُلام کي غار جي ويجهو ٻڪريون چارڻ کان منع ڪري ڇڏيو. غُلام هو، ڳالهه مڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو، نه چاهيندي به ڳالهه مڃڻي ئي پئي، هاڻي شفيق و مهربان آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان جُدائي شروع ٿي.

ہم کہاں اور تم کہاں جاناں ہیں کئی ہجر درمیاں جاناں

هڪ سچي عاشِق رسول جي سامهون وڇوڙي ۽ ڏک جون ديوارون اڀيان اچي ويون، پهريان سڄو ڏينهن ديدار جا جام پي ايندا هئا، رات گذارڻ مشڪل ٿي ويندو هو، پر اُميد هوندي هئي ته صبح ٿيندي، وري حاضِر ٿيندس، پوءِ شربتِ ديدار سان اکيون ٿڌيون ڪندس، پر افسوس! هاڻي ته فِي الحال اها اُميد به ختم ٿي وئي.

کسی کے ہجر میں جینا محال ہو گیا ہے کسے بتائیں ہمارا جو حال ہو گیا ہے

**اي عاشقانِ رسول!** اجا تہ اهو صِرف هجر و فراق آهي، اجا تہ صِرف محبوب کان ڏُوري آهي. ”اجا عشق جو امتحان ٻيو بہ آهي.“ ڪنهن شاعِر چيو آهي:

یہ عشق نہیں آساں، اتنا ہی سمجھ لیجئے　　اِک آگ کا دریا ہے اور ڈوب کے جانا ہے

**محبوبِ خُدا** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان عشق ڪرڻ آسان ڳالھ ناهي، امتحان ورتو ويندو آهي، سخت آزمائشن ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي، اهو عظيم عاشِقِ رسول جنهن چهرهٔ مصطفيٰ ڪي هڪ نظر ڏسي ايمان آندو هو، عاشِق بڻجي ويو هو، هاڻي ان جو بہ امتحان ٿيڻو هو.

تنهنڪري امتحان جا ڏينهن ايئن شروع ٿيا، هڪ ڏينهن اهو عاشِقِ رسول حرمِ پاڪ ۾ ويو، اتي ڪجهہ ڪافِر بہ مَوجُود هئا پر ان جي نگاھ نہ پئي، هو سمجهيو تہ مان اڪيلو آهيان، اتي ڪافِرن جا ڪوڙا خُدا رکيل هئا، انهن ڪي ڏسي اِيماني جذبو جوش ۾ آيو ۽ ان عاشِقِ رسول ڪوڙن خُدائن تي ٿُڪ اڇلائي چيائين: اهو نامراد آهي جيڪو توهان جي عبادت ڪري ٿو.

هُو تہ سمجهي رهيو هو تہ مان اڪيلو آهيان، ان ڪري اهو ڪم ڪيائين پر جڏهن ڪافِرن ڪي ڏٺائين تہ جلدي جلدي اتان نڪري ويو، ڪافِر سڄو مُعَاملو ڏسي چڪا هئا، اهي بہ پنيان آيا، عبد الله بِن جُدعان (جيڪو ان عاشِقِ رسول جو دُنياوي مالِڪ هو ۽ وڏو ڪافِر هو) جي گهر پهتا، ان ڪي سڄي ماجرا ٻڌائي تہ ان بدبخت ڪافِر پنهنجي غُلام (يعني حقيقي عاشِق رسول) جو هٿ ابوجهل ۽ اُمَيّہ بِن خلف جي هٿ ۾ ڏئي چيو: اِهو هاڻي توهان جو غلام آهي، هن سان جيڪو وڻيوَ ڪيو.

## (2): ظُلم و ستم جي دِل ڏڪائيندڙ داستان

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هاڻي تورو دِل سنيالي ظُلم ۽ سِتَم جي دِل ڏڪائيندڙ داستان ٻڌو ۽ ڏسو اسان جي اسلاف ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون ڏسي اهو دِين

اسان تائين پهچايو آهي.

اللهُ اَکْبَرُ! اَبُوجهل بہ ڪافِر، اُمَّيہ بِن خلف بہ ڪافِر ۽ ٻئي وڏا ظالِم و جابِر، انهن ٻنهن ان عظيم عاشِقِ رسول جو هٿ پڪڙي مڪي پاڪ جي ريگستان ۾ وٺي ويا، عاشِقِ رَسُول کي اِسلام قبول ڪرڻ جي مُقَدَّس جُرم ۾ تپندڙ واريءَ تي ليٽائي ڇڏيو، سيني تي پٿر رکي چيائون: اُکْفُرْبِمُحَمَّدٍ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِسالت جو انڪار ڪر.

يہ شہادت گہِ اُلفت میں قدم رکھنا ہے لوگ آسان سمجھتے ہیں مسلماں ہونا

هڪ پاسي ڪفر آهي، ظُلم آهي، سِتَم آهي ۽ ٻي پاسي عِشقِ رسول آهي، ابوجهل ۽ اُمَّيہ بِن خلف جيڪڏهن ڪافِر ۽ ظالِم هئا تہ سامهون بہ استقامت جو پهاڙ هو. اَبُوجهل ۽ اُمَيہ بن خلف سمجهندا هئا تہ ظُلم ۽ سِتَم برداشت نہ ڪري عاشِقِ رسول پنهنجي عشق کان پوئتي هٽي ويندو پر انهن کي خبر نہ هئي تہ

غُلامانِ محمد جان دینے سے نہیں ڈرتے یہ سَر کٹ جائے یا رِہ جائے پروا نہیں کرتے

اهو عظيم عاشِقِ رسول هڪ گهڙي جي لاءِ بہ اِيمان کان پوئتي نہ هٽيو، ان جي زبان تي صِرف هڪ ئي ڪلمو هو: رَبِّیَ اللہ، اللهُ اَحَد، اللهُ اَحَد منهنجو رَبّ الله آهي، الله هڪ آهي.

ابوجهل ۽ اميہ بن خلف مختلف حربا آزمائڻ شروع ڪيا، انهن کي تَتل واريءَ تي ليٽائي مٿان پٿر رکيا ويا، استقامت جو اهو پهاڙ، اهو عظيم عاشِقِ رسول پنهنجي ارادي تي مضبوط رهيو، ابوجهل ۽ اُمَيہ بن خلف ان کي لوهي لباس پارائي تپيل اُس ۾ ڇڏي ڏيندا هئا، اُس جي گرمي سبب لوهي لباس گرم ٿي ويندو هو، ان جي تپش سان جسم مبارڪ سڙي ويندو هو، چربي ڳرڻ لڳندي هئي پر قربان وڃجي! ان عظيم عاشِقِ رسول جي زبان تي صِرف هڪ

ئي ڳالھ هئي: رَبِّيَ الله، اللهُ اَحَد، اللهُ اَحَد منهنجو رَبّ الله آهي، الله هڪ آهي، الله هڪ آهي. (تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:436و439، خلاصۃً)

ڪافِر ان جي ڳچي ۾ رَسّي وجهي ڇڙواڳ ڇوڪرن جي هٿن ۾ ڏيندا هئا، اهي ان عظيم عاشق رسول کي مَعَاذَ الله! مڪہ مڪرمہ جي گهٽين ۾ گِهليندا وتندا هئا ۽ ان جي زبان تي پوءِ بہ هڪ ئي جملو هوندو هو: اللهُ اَحَد، اللهُ اَحَد الله هڪ آهي، الله هڪ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن تڪليفن جو حال ٻُڌڻ، پڙهڻ تمام سولو آهي، همّت تہ انهن جي آهي جيڪي اهي تڪليفون برداشت ڪري رهيا هئا. افسوس! اسان آرام ۾ آهيون، ڪو اسان کي ستائي نٿو، ڪاڏو ملي پيو، پاڻي ملي پيو، بجلي لڳل آهي، پکا، A.C هلن پيا، ڪمايون پيا، کائون پيا، پيئون پيا، آرام سان رهون پيا، ان جي باوُجُود ذِڪرُ الله اسان جي زبان تي نٿو اچي، جيڪر تسبيح هٿ ۾ رکون بہ سهي تہ ٿوري دير ذِڪر ڪري ٿڪجي پوندا آهيون، فرض نمازن ۾ ڪوتاهيون آهن، لڪين ڪروڙين مسلمان تہ اهي آهن جيڪي نمازون پڙهن ئي نٿا ۽ جيڪي پڙهن بہ ٿا، انهن جو حال ڏسي وٺو! نماز کان پوءِ ڪجھ منٽ ويهي ذِڪرُ الله ڪرڻ جو وقت ڪڍڻ ڏکيو ٿيندو آهي.

الله! الله! ذِڪر تہ اهو هو، جيڪو اهو عظيم عاشِقِ رسول مڪہ مڪرمہ جي گهٽين ۾ ڪري رهيو هو. خير! ڪيئي ڏينهن تائين معاملو ايئن هلندو رهيو، ڪافِر ظُلم تي ظُلم ڪندا رهيا ۽ اهو عظيم عاشِقِ رسول استقامت جو پهاڙ بڻجي ثابت قدم رهيو. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم غار مان واپس موٽي اچي چڪا هئا، رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي عاشِق کي ان تڪليفن مان گذرندي ڏٺو هو.

افسوس! اُمَّت سان محبت فرمائيندڙ آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ان عاشِقِ رَسُول کي ڏٺو هوندو، دِل مبارڪ تي ڪيترو غم طاري ٿيو

هوندو، الله! الله! هي تہ اهي آقا آهن جيڪي اُمَّت سان اهڙي محبت فرمائن ٿا جو پنهنجي اُمّتين ڪي معمولي تڪليف ۾ ڏسڻ بہ پسند نٿا فرمائن. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو وَصف بيان فرمايو آهي:

عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ

(پاره:11، سورهٔ توبه، آيت:128)

ترجمو ڪنزالايمان: جنهن کي توهان جي تڪليف ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي.

**اي عاشقانِ رسول!** رحمت وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي پنهنجي امت سان ايتري قدر پيار ڪن ٿا، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُن عاشِق کي مصيبتن ۾ ڏٺو هوندو، اکين مان لڙڪ بہ جاري ٿي ويا هوندا پر...... اهو امتحان جو وقت هو ۽ امتحان ۾ صبر ئي ڪبو آهي.

آخر ان عاشِقِ رسول جي آزمائش جو وقت ختم ٿيو، اهو پنهنجي عشق جي ان امتحان ۾ ڪامياب ٿيو. ٿيو ايئن جو هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڪاش! ڪنهن طرح ان غُلام کي خريد ڪري آزاد ڪيو وڃي.

آقا جي يارِ غار حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جڏهن اها خواهش ٻُڌي تہ جلدي مان اُٿي ويا وڏي قيمت ادا ڪري ان عظيم عاشِقِ رسول کي خريدي غُلامي کان آزاد ڪري پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ حاضِر ڪري ڇڏيو. (اُسد الغابہ، بلال بن رباح، جلد:1، صفحہ:416، خلاصةً)

ستم ہائے فَراواں کی بڑھی جب حد سے بے دردی تو ان کی حضرت بو بکر نے قیمت ادا کر دی
اُخُوَّت مذہب اسلام کا پتھر ہے بنیادی غلاموں کو دلائی ہے اسی جذبے نے آزادی
مسلماں ہونے والوں سے غُلامی کی مٹی ذِلّت کہ آڑے آگئی عثماں اور بُو بکر کی ہمت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت بلال رضی اللہ عنہ جو مختصر تعارُف

پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا اوهان کي معلوم آهي؟ اهو عظيم عاشِقِ رسول ڪير هو؟ جي ها! اهو ٻيو نه، بلڪ اسان غُلامن جا سردار، هر عاشِقِ رسول جي اکين جا نار، مشهور عاشِقِ رسول، مُؤَذِّنِ رسول حضرت سَيِدُنا بلال حبشي رضی اللہ عنہ هئا.

کیا کیا ستم نہ ڈھائے تھے تجھ پر اُمَیَّہ نے اقرارِ حق سے پھسلی نہ تیری زباں بلال
مکہ اَحَد اَحَد کی صداؤں سے گونج اٹھا خورشیدِ انقلاب تھا تیرا بیاں بلال
بُوبکر نے خرید کے ایسے بڑھائے دام دولت اگر زمیں ہے تو آسماں بلال

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا حضرت بلال حبشي رضی اللہ عنہ مشهور صحابيءِ رَسُول آهن، سندن مبارڪ نالو: بِلال ۽ لقب آهي: مُؤَذِّنِ رَسُول. بلڪ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪين "سَيِّدُ الْمُؤَذِّنِيْنَ (يعني تمام آذان ڏيندڙن جو سردار)" جو خطاب ڏنو. (سير اعلام النبلاء، جلد:3، صفحہ:220) حضرت بلال رضی اللہ عنہ بابت عام طَور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ته پاڻ رضی اللہ عنہ جو رنگ مبارڪ تمام گهڻو ڪارو هو بلڪ بعض ماڻهو جڏهن سندن حُليو مبارڪ بيان ڪندا آهن ته مَعَاذَ الله! هڪ وحشت ناڪ ماحول ٺاهيندا آهن، الله پاڪ بي ادبي کان محفوظ رکي! اهو دُرست ناهي، حضرت بلال رضی اللہ عنہ جو رنگ مبارڪ گندمي (سَانوِرو) هو، عالم سڳورن پاڻ رضی اللہ عنہ جو حليو مبارڪ بيان ڪندي لکيو هو: كَانَ شَدِيْدُ الْاَدِمَةِ حضرت بلال رضی اللہ عنہ جو رنگ مبارڪ گهڻو سانورو هو، (معرفۃ الصحابہ لابی نعیم، جلد:1، صفحہ:333) يعني جيئن ڪڻڪ جو داڻو ٿيندو آهي، ان کي ٿورو ڪاراڻ مائل ڪجي ته جيئن اهو رنگ ٿيندو، حضرت بلال رضی اللہ عنہ جو رنگ مبارڪ به ان انداز جو هو. پاڪ و هند ۾ عام طور ماڻهن جو رنگ سانورو ٿيندو آهي.

اسلام کا جمال ہے تیرے جمال سے سیرت تری ہے دِین کی اک ترجماں بلال

حضرت بلال حبشي رضی اللہ عنہ سابِقُ الاِسلام آهن، سندن اسلام جي ابتدائي ۾ ايمان قبول ڪيو هو، غُلامي مان آزادي نصيب ٿيڻ کان بعد ڪان وني پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي وِصَالِ ظاهري تائين حضرت بلال رضی اللہ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر رهيا، حضرت بلال رضی اللہ عنہ مُؤذِّنِ رسول بہ آهن ۽ خازِنِ مصطفيٰ بہ آهن، يعني رسولِ اڪرم، نور مجسم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم مالي مُعَاملات جي سار سنڀار جي ذِمّيداري حضرت بلال رضی اللہ عنہ کي عطا ڪئي هئي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي وِصالِ ظاهري کان بعد حضرت بلال رضی اللہ عنہ مُلڪ شام هليا ويا ۽ آخري پساهن تائين اتي رهيا، پاڻ رضی اللہ عنہ سن 20 هجري تي هن فاني دُنيا مان لاڏاڻو فرمايو. سندن مزار مبارڪ مُلڪ شام ۾ آهي. (اُسد الغابہ، جلد:1، صفحہ:415و416، ملتقطاً)

جاہ و جلال دَو نہ ہی مال و مَنَال دَو　　سوزِ بلال بَس میری جھولی میں ڈال دو
دُنیا کے سارے غم میرے دِل سے نکال دو　　غم اپنا یاحبیب بَرائے بِلال دو

(وسائلِ بخشش، صفحہ:305)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دِين تي استقامت

**اي عاشقانِ رسول!** اسان ٻڌو تہ اسان جي آقا حضرت بلال حبشي رضی اللہ عنہ اِيمان تي ڪيتري قدر مضبوط هئا، ڪين تڪليفون آيون، ظُلم ۽ سِتَم ڪيو ويو پر پاڻ دِين تي ثابِت قدم رهيا، باطِل جي سامهون ڪنڌ نہ جهڪايائون.

ڪاش! اسان کي بہ دِين تي، اسلام تي، ايمان تي استقامت ملي، ڪاش! پنهنجي اِيمان جي حِفَاظت جي سوچ حقيقي معنيٰ ۾ نصيب ٿي وڃي. افسوس! هن دَور ۾ ايمان بچائڻ سخت دُشوار ٿي ويو آهي، عِلمِ دين جي اهڙي ڪمي آهي جو الله جي پناهہ...! ❖ ڪيترا اهڙا آهن جيڪي گانا ڳائن پيا، گانا ٻُڌن پيا،

نچي رهيا آهن، جڏهن ته انهن گانن ۾ ڪفريه اَشعَار آهن ۽ انهن کي خبر ئي ناهي، بَس پنهنجي مستي ۾ مَست جهونگاريندا آهن، وڏي مزي سان ٻڌندا رهندا آهن.

هونئن به گانن ۾ ڪفريه ڪلمات نه هجن تڏهن به ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ، ٻڌائڻ شيطاني ڪم آهي ۽ ان جو ايترو سخت عذاب آهي جيڪو برداشت نه ٿي سگهندو. روايتن جي مطابق جيڪو گانو ٻڌندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان جي ڪنن ۾ پگهريل شيهو وڌو ويندو. (ڪنز العمال، جلد:15، صفحہ:96، حديث:40662)

❖ بعض اوقات مصيبت ايندي آهي، پريشاني ايندي آهي، ڪنهن جوان جي موت ٿي وڃي، اوچتو حادثو ٿي وڃي ته شڪوا شڪايت ڪندا آهن، بعض نادان ته مَعَاذَ الله (الله پاڪ جي پناهه) ڪفريه جملا به بَڪي ڇڏيندا آهن ۽ ديني معلومات جي ڪمي سبب انهن کي هن ڳالهه جي خبر ئي ناهي هوندي ته اهو ڪفريه جملو آهي جيڪو اسلام جي دائري مان خارِج ڪري ڇڏيندو آهي. ❖ بعض نادان غير مسلمن جا طَور طريقا اپنائيندا آهن. انهن جي مذهبي ڏهاڙن ۾ شامِل ٿيندا آهن، ڪو دُنياوي مفاد هوندو آهي، لالچ هوندي آهي، پيسن جو حِرص هوندو آهي ۽ هن چڪر ۾ مَعَاذَ الله! اِيمان ڏانهن توجهه ناهي هوندو، الله پاڪ جي ناراضِي جو خيال ناهي هوندو، خوفِ خُدا جي ڪمي هوندي آهي، عِشقِ رسول جي ڪمي هوندي آهي ۽ اهڙي طَرح اهي غير مسلمن جي صحبت جي ڪري، انهن جي مذهبي ڏهاڙن ۾ شريڪ ٿي ڪڏهن ته ايمان جو سودو ڪري چڪا هوندا آهن، ڪفر جي اَنڌي کوهه ۾ ڪِري پوندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي دَولتِ ايمان لُٽجي وڃڻ جو اِحسَاس تائين ناهي هوندو.

ڪاش! مُؤذِّنِ رسول، سچي عاشِقِ رسول، حضرت بلالِ حبشي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي صدقي ۾ اسان کي ايمان جي سلامتي نصيب ٿي وڃي.

مسلماں ہے عطار تیری عطا سے ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی

(وسائل بخشش، صفحہ:105)

شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو هڪ زبردست ۽ پنهنجي موضوع تي ناياب ڪتاب آهي: "کُفْرِیَہ کلمات کے بارے میں سُوال جواب. اُردو زبان ۾ هن موضوع تي ايترو تفصيلي ڪتاب ملڻ گهٽو ڏکيو آهي. اهو ڪتاب هر گهر بلڪ هر فرد جي ضرورت آهي. صرف 675 صفحا آهن ۽ هن ۾ ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ عمده معلومات آهي، جيڪو پڙهندو ان ڪي خبر پوندي. اڄ ئي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي اهو ڪتاب طلب ڪريو، چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڈاؤن لوڊ ڪري وٺو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3):قرآنِ پاڪ ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت بِلال حبشي رَضِیَ اللہُ عَنْہ امتحانن مان گذريا، پوءِ آزادي جي نعمت نصيب ٿي تہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي ويا، هاڻي هو جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضِر رهندا هئا، اهڙي طرح ٻيا اهي صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جيڪي پهريان غُلامي جي زندگي گذاري چڪا هئا، مثال طور حضرت صُهيب رُومي، حضرت خَبَّاب رَضِیَ اللہُ عَنْهُما اهي بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر رهندا هئا، هڪ ڏينهن ڪافرن چيو: اي مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جي بارگاهه ۾ غريب ماڻهو وينا آهن، اسان کي هنن سان گڏ ويهندي شرم اچي ٿو، جيڪر اوهان هنن غريبن کي پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيو تہ اسان اوهان تي ايمان آڻينداسين ۽ اوهان جي خِدمت ۾ حاضِر رهنداسين. هن تي حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ ٻين غريب صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۾ اها آيت سڳوري نازِل ٿي، (تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:447تا448) اللّٰہ پاڪ فرمايو:

وَ لَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ
(پاره7،سورةالانعام:52)

ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن کي پري نہ ڪر جيڪي پنهنجي ربّ کي پڪاريندا آهن صبح ۽ شام سندس رضا طلب ڪندي.

هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ڏنو ته اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان هنن صحابه کي هرگز پنهنجي بارگاهه مان پري نه ڪريو، هي ته اهي نيڪ ۽ پارسا آهن جيڪي صبح ۽ شام الله پاڪ جي عِبَادت ڪن ٿا ۽ عِبَادت به ڪهڙي...؟ ڏيکاءُ واري نه، رياڪاري واري نه، دُنياوي لالچ واري عِبَادت نه بلڪ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ پنهنجي هن عِبَادت سان صِرف الله پاڪ جي رِضا گهُرن ٿا.

جب تک بِکے نہ تھے، کوئی پوچھتا نہ تھا     آپ نے خرید کر ہمیں انمول کر دیا

اَللهُ اَكْبَرُ! انهن صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۾ الله پاڪ وڌيڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِذَا جَآءَكَ الَّذِیْنَ یُؤْمِنُوْنَ بِاٰیٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَیْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ (پاره7،سورةالانعام:54)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جڏهن توهان جي حضور اهي حاضر ٿين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا ته توهان انهن کي فرمايو توهان تي سلامتي توهان جي رب پنهنجي ڪرم جي ذمي تي رحمت لازم ڪئي آهي.

يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي پاڪ انسان جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻن ٿا، جڏهن اهي اوهان جي خِدمت ۾ حاضِر ٿين ته اوهان انهن جي عِزّت افزائي ڪريو، انهن سان سلام ۾ اڳرائي ڪريو ۽ انهن کي اها خوشخبري ٻُڌايو ته الله پاڪ فَضل ڪندي پنهنجي ذِمّي تي رحمت لازِم ڪري ورتي آهي.

(تفسير صراط الجنان، پاره:7، سورۀ انعام، زيرِ آيت:54، جلد:3، صفحه:118، خلاصةً)

حضرت خَبّاب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن اهي آيتون نازِل ٿيون ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کي گهرايو، اسان حاضِرِ خِدمت ٿياسين، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهي آيتون تلاوت فرمائي رهيا هئا، ان ڏينهن کان

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان کي ايترو قريب ويهاريندا هئا جو اسان جا گوڏا جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي گوڏن سان ملي ويندا هئا.

دامَنِ مصطفےٰ سے جو لپٹا یگانہ ہو گیا  جس کے حُضُور ہو گئے، اس کا زمانہ ہو گیا

اي عاشقانِ رسول! حضرت بلال، حضرت صهيب، حضرت خَبَّاب ۽ انهن جهڙن ٻين صحابي سڳورن عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان جي فضيلتن جو بيان هتي ختم نٿو ٿئي، هن کان اڳتي بہ جاري آهي، ٿورو دِل پڪي ڪري رِوايت جو باقِي حِصّو ٻڌو ۽ ڏسو! مُعَاشري ۾ غُلام سڏائڻ وارا اهي صحابہ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان جڏهن دامَنِ مصطفيٰ سان وابستہ ٿيا تہ اِسلام انهن جي ڪيتري عِزّت افزائي ڪئي، حضرت خَبَّاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر هوندا هئاسين تہ حُضُور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان سان گڏ تشريف فرما هوندا هئا، جيتري دير ارادو فرمائيندا هئا ويهندا هئا، پوءِ ڪا ضرورت هوندي هئي تہ اسان کي اتي ويٺل ڇڏي تشريف وٺي ويندا هئا، ان تي الله پاڪ اها آيت نازِل فرمائي:

| | |
|---|---|
| وَ اصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِيۡنَ يَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَ الۡعَشِىِّ يُرِيۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ (پاره15،سورة الکهف:28) | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ان جي رضا گهرندا آهن. |

حضرت خَبَّاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: اها آيت سڳوري نازِل ٿيڻ کان بعد حالت اها ٿي وئي جو پياري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان سان گڏ تشريف فرما رهندا هئا، اسان پاڻ اجازت وٺندا هئاسين تہ ٻي ڳالهہ آهي، نہ تہ حُضُور ڪريم اسان کي اتي ويٺل ڇڏي ڪونہ ويندا هئا. (تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:447تا448)

جب تک بِکے نہ تھے، کوئی پوچھتا نہ تھا  آپ نے خرید کر ہمیں انمول کر دیا

سُبْحٰنَ اللہ! **اي عاشقانِ رسول** ! غور فرمايو! اهو آهي اُن پاڪيزه ماڻهن جو شان جيڪي ڪڏهن غُلام هوندا هئا، جن کي ڪافِر طرح طرح جون سزائون ڏيندا هئا، جن جو دُنيا ۾ ڪو والي نه هو، انهن کي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دامَنِ رحمت ۾ جاءِ ڏني ته انهن جي شان جا قصيدا قرآنِ ڪريم ۾ نازِل ٿيڻ لڳا ۽ اهي قيامت تائين ايندڙ مسلمانن جا سردار سڏيا ويا.

بے دام ہی بِک جائیے بازارِ نبی میں    اس شان کے سودے میں خسارے نہیں ہوتے

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): آقا جنت ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو آواز ٻڌو

معراج جي حديثن ۾ آهي، پياري آقا، مِعراج واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مِعراج جي رات جڏهن مان جنّت ۾ داخِل ٿيس ته مون پنهنجي اڳيان هڪ آواز ٻُڌو، ٻڌايو ويو: اهو بِلال آهي. (مُسْنَدِ امام احمد، جلد:2، صفحه:144، حديث:2366)

سُبْحٰنَ اللہ! ڇا شان آهي منهنجي آقا حضرت بلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو. پاڻ ايمان قبول ڪيائون، تڪليفون آيون، ظُلم ۽ ستم جا پهاڙ ڪيرايا ويا، پر پاڻ ثابت قدم رهيا، دِينِ اسلام کان منهن نه موڙيائون ته هاڻي ڏسو! ڪهڙا ڪهڙا انعام ملي رهيا آهن.

بے دام ہی بِک جائیے بازار نبی میں    اس شان کے سودے میں خسارے نہیں ہوتے

## (5): بِلال ڪڏهن ڪوڙ ناهن ڳالهائيندا

هڪ ڏينهن حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت بِلالِ حبشي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي گهر آيا.

سُبْحٰنَ اللہ! اها به ڪيتري عِزّت افزائي آهي، ٻنهي جهانن جا آقا، ملائڪ جن

جي بارگاهہ ۾ حاضِري جي خواهش ڪن ٿا، اهي آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پاڻ هلي حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي گهر آيا. پڇيائون: بِلال گهر ۾ آهن؟ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي گهرواريءَ عرض ڪيو: هُو تہ گهر ۾ ناهن.

پوءِ زوجہ محترمہ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! بِلال جڏهن گهر هوندا آهن، تہ سندن زبان تي بَس هڪ ئي تڪرار هوندي آهي: قَالَ رَسُوْلُ اللّٰہِ، قَالَ رَسُوْلُ اللّٰہِ اَچ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيئن فرمايو، اچ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيءُ فرمايو.

عشق ڏسو! حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جيستائين بارگاهہ رسالت ۾ حاضِر رهندا هئا، ديدارِ مصطفيٰ جا جام پيئندا رهيا، جڏهن گهر ايندا هئا تہ پنهنجي محبوب آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون ئي ڳالهيون ڪندا هئا.

وِچھوڑے دے میں صدمے روز جَھلّاں یارسول اللہ!
کراں میں تیریاں دِن رات گَلّاں یارسول اللہ!

خير! رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اها ڳالهہ ٻُڌي فرمايائون: مَا حَدَّثَكِ عَنِّیْ بِلَالٌ فَقَدْ صَدَقَ بِلال منهنجي طرفان جيڪا بہ حديث بيان ڪن ٿا، اها سچ آهي، بِلَالٌ لَایَكْذِبُ بلال ڪڏهن ڪوڙ ناهن ڳالهائيندا.

(تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:463)

اي عاشقانِ رسول! ڪمال ڏسو! سچّي آقا، رسولِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي سچي زبان مان سچي عاشِقِ رسول حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سچائي جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. اهو آهي حضرت بِلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو شان. ڪاش! حضرت بِلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي صدقي اسان کي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق ملي، ڪاش! ڪوڙ کان اهڙي نفرت ٿئي جو مرڻ گهڙي تائين ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهايون، ڪوڙ ڳالهائڻ

گُناھ آھي، ڪوڙ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي، ڪوڙ مسلمانن جو نہ بلڪ منافقن جو طريقو آھي. افسوس! ھاڻي اسان وٽ اھڙا نادان پڻ آھن، جيڪي چون ٿا: ادا سچ جو تہ زمانو ئي ناھي، ڪوڙ جي بغير تہ ڪم ئي نٿو ھلي.

اھا دعويٰ ڪيتري حد تائين دُرُست آھي، اچو! ھن باري ۾ بہ حضرت بِلال رضي الله عنه جي سيرتِ پاڪ مان رھنمائي وٺون ٿا.

## (6): سچ ئي تنھنجو ڪم ٿاھيو آھي

حضرت بلال رضي الله عنه جو ھڪ ڀاءُ ھو، ڪن ڪتابن ۾ ان جو نالو خالِد لکيل آھي. ان جو نِڪاح ڪرڻو ھو، حضرت بلال رضي الله عنه ان کي گڏ وٺي ھڪ قبيلي ۾ ويا.

ھاڻي ڏسو! اسان وٽ بہ رشتا ڪيا ويندا آھن پر حال ڇا ھوندو آھي؟ بناوٽ اختيار ڪئي ويندي آھي، ڪوڙ ڳالھايو ويندو آھي، ڇوڪريءَ جا مائٽ ڇوڪريءَ جي ڪوڙي واکاڻ ڪندا آھن، ڇوڪري وارا ڇوڪري جي ڪوڙي تعريف ڪندا آھن، پوءِ جڏھن رشتو طئي ٿي ويندو آھي، شادِي کان بعد ڪوڙ جي خبر پوندي آھي تہ جھيڙا جھڳڙا شروع ٿيندا آھن ايستائين جو طلاق تائين نوبت پھچندي آھي. حضرت بِلال رضي الله عنه جو پاڪيزه انداز ڏسو! پاڻ رشتو وٺڻ جي لاءِ ڇوڪريءَ وارن وٽ ويا، فرمايائون: توھان اسان کي سڃاڻو ٿا، ھي منھنجو ڀاءُ آھي، اسان پھريان غُلام ھئاسين، الله پاڪ آزادي عطا فرمائي، اسان گمراھي ۾ ھئاسين، الله پاڪ پنھنجي نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذريعي اسان کي ھدايت عطا فرمائي، اسان غريب ھئاسين، الله پاڪ اسان کي غني ڪري ڇڏيو، جيڪڏھن توھان پنھنجي نياڻي جو رشتو ڏيڻ پسند ڪيو تہ الحمد لله! نہ پسند ڪيو، تڏھن بہ ڪو حرج ناھي.

حضرت بلال رضي الله عنه جي پيش ڪش ٻُڌي ڇوڪريءَ جي مائٽن يڪدم رشتو منظور ڪيو. پوءِ جڏھن حضرت بلال رضي الله عنه واپس موٽي رھيا ھئا، وات تي ڀاءُ

چيو: اي ياءَ! اوهان اسان جي نيڪي جو ذِڪر ڪيو ها، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اسان جي جان نثارين جو تذڪرو ڪيو ها، اوهان اسان جي ماضِي جو احوال ڇو دُهرايو؟ حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: مون سچ ڳالهايو ۽ انهيءَ سچ جي بدولت توهان جو رشتو طَئي ٿيو. (تَذْڪِرَہ حَمْدُونيہ، باب:8 صِدْق و ڪِذْب کا بیان، جلد:3، صفحہ:78)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: سچ ڳالهائڻ سان ڪم بگڙن نٿا، بلڪ ٺهن ٿا، ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ سان ڪم نهن نٿا، الٽو بگڙجن ٿا. الله پاڪ اسان سيني کي هميشہ سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلہٖ وسلَّم

## (7): قيامت جي ڏينهن بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جو شان

هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو تذڪرو فرمائي رهيا هئا، قيامت جي ڏينهن انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو شان ڇا هوندو، اهو موضوع هو، هن سلسلي ۾ غيبن تي خبردار نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حضرت صالِح عَلَيه السَّلَام روزِ قيامت پنهنجي ڏاچي تي سُوار هوندا، مان بُراق تي سُوار ٿي ايندس، پوءِ پاڻ حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه ڏانهن نگاهہ ڪندي فرمايائون: بِلال جو اهو شان هوندو جو جنّتي ڏاچي تي سُوار هوندا، اَذان پڙهندي ميدانِ حشر ۾ ايندا، بِلال جي اَذان جو آواز سيئي ٻڌندا، ان وقت انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جون نِگاهون بہ بلال تي هونديون، جڏهن بِلال اذان مڪمل ڪندا تہ انهن کي جنّتي لباس پارايو ويندو ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ شُهداء کان بعد بِلال پهريان شخص هوندا جن کي جنّتي لباس ملندو. (تاريخ مدينہ دمشق، جلد:10، صفحہ:459تا460)

ڇا شان آهي، منهنجي آقا حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جو! اهو آهي حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جي دِين تي استقامت جو انعام.

اس شان کے سودے میں خسارے نہیں ہوتے بے دام ہی بِک جایئے بازارِ نبی میں

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان مُؤذِّنِ رسول حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شان ۽ عظمت جو بيان ٻڌو، هاڻي اچو! آخرَ ۾ حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اَذان بابت هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا:

## (8): حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هڪ ايمان افروز آذان

جڏهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُنيا مان ظاهري پردو فرمايو ته صحابه ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان تي ڄڻ قيامت اچي وئي، صحابه ڪرام عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان غم مان بي حال ٿي ويا، حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي به وِصَالِ مصطفيٰ جو گهڻو صدمو ٿيو.

حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ هونئن به ”مُؤذِّنِ رسول“ آهن، مؤذّن ۽ امام جو پاڻ ۾ جُدا قِسم جو ئي تعلق هوندو آهي، حضَرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خِدمت ۾ رهندا هئا، هاڻي جڏهن محبوب آقا، پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُنيا مان ظاهري پردو فرمايو ته حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي لاءِ جيئڻ ڏکيو ٿي ويو، اهي گهٽيون جتان حُضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هلندا هئا، انهن گهٽين مان لنگهندي حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو هنيائون ڦاٽڻ لڳي ٿو، جڏهن حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مُرڪندا هئا ته مديني پاڪ جي در و دِيوار تي نُور جا شُعَاع پوندا هئا، هاڻي انهن ديوارن کي ڏسي ڏسي حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي محبوب آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ياد ستائيندي آهي.

گلیاں سُنجیاں دِسّن مینوں، وَیڑا کھاوَن آوے غُلام فریدا! اوتھے کی وَسنا جتھے ماہی نظر نہ آوے

وضاحت: گهٽيون ويران نظر اچن پيون، گهر ۾ به دِل نٿي لڳي، اي غُلام فريد! اتي جيئڻ ڇا جو جتي محبوب ئي نظر نه اچي.

هاڻي مديني پاڪ جي انهن گهٽين ۾ زِندگي گذارڻ دُشوار هو، ان ڪري حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ مُلڪ شام هليا ويا، پر افسوس! حُضُور اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

تہ هتي بہ نہ آهن، ديدارِ حبيب جا جام تہ هتي بہ نٿا ملن، يادِ مصطفيٰ تہ هتي بہ تڙپائي ٿي.

حکیماں طبیباں دے وَس دِی اے گل نئیں　مرے رَوگ دا ہوَر کدھرے وِی حل نئیں

تُوں آجا وِکھا جا اَو صُورت پیاری　میں نکُدِی مکاواں تُو جِتیوں میں ہاری

حضرت بِلال رضي الله عنه ملڪ شام ۾ آهن، يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپي رهيا آهن، هجر و فراق ۾ دل هتي بہ بيقرار ۽ ماندي آهي. الله! الله! ڏينهن ڪيئن گذرندا هوندا، راتيون ڪيئن گذرنديون هونديون...؟

وہ آرہے ہیں، وہ آتے ہیں، آرہے ہوں گے　شَبِ فراق یہ کہہ کر گزار دی ہم نے

پهريان جڏهن رات جو سمهندا هئا، هڪ آس هوندي هئي، هڪ اُمّيد هوندي هئي، صبح اُٿڻو آهي، مسجد نبوي شريف ۾ حاضِر ٿيڻو آهي، اذان ڏيڻي آهي، پوءِ محبوب آقا، پيارا مصطفيٰ صلّى الله عليه واٰله وسلّم ايندا، ديدار جو جام پيئاريندا، هاڻي تہ اها آس بہ ختم ٿي وئي آهي، پهريان جڏهن دِل چاهيندي هئي تہ بارگاهہ ۾ حاضر ٿي لَذّتِ ديدار سان هنياءُ ٿڌو ڪري وٺندا هئا، افسوس! هاڻي وڃون تہ ڪيڏانهن وڃون، هاڻي محبوب کي ڪٿي تلاش ڪجي.

سَر تَو سَر جان سے جانے کی مجھے حسرت ہے　موت نے ہائے مجھے جان سے جانے نہ دیا

کبھی بیمارِ محبت بھی ہوئے ہیں اچھے　روز اَفزُوں ہے مرض، کام دوا نے نہ دیا

حضرت بِلال رضي الله عنه فراقِ رسول ۾ زِندگي گذاري رهيا آهن، هاڻي بَس هڪ ئي صُورت باقي آهي، ڏُک دَرد مٽائڻ وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صلّى الله عليه واٰله وسلّم ڪم از ڪم خواب ۾ ئي اچي پنهنجو جَلوو ڏيکارين....

بہرِ دیدار مشتاق ہے ہر نظر، دونوں عالم کے سرکار آجایئے

چاندنی رات ہے اور پچھلا پہر، دونوں عالم کے سرکار آجایئے

میرے گلشن کو اک بار مہکایئے، اپنے جلووں کی بارش میں نہلایئے
دیدۂ شوق کو کیجئے بہرہ وَر، دونوں عالم کے سرکار آجایئے

هڪ رات جڏهن حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ آرام فرما هئا، ان رات به ننڊ خبر ناهي ڪيئن آئي هوندي، نه ته محسوس اهو ئي ٿئي ٿو ته حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ يادِ مصطفيٰ جا ڏينهن ۽ راتيون گذاريندا هوندا، دِل چوي ٿي ته شايد اُن رات به حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ بستر تي ليٽي يادِ مصطفيٰ ۾ مَصرُوف رهيا هوندا، ڪڏهن مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري مُرڪ کي ياد ڪري مرڪي پيا هوندا، ڪڏهن هجر ۽ فراق کي ڏسي روئي پيا هوندا، پوءِ خبر ناهي ڪڏهن اک لڳي هوندي.

خالد میں صرف اتنا کہوں گا، جاگ اُٹھا اشکوں کا مقدر عشقِ نبی میں روتے روتے کیسی کٹی ہے رات نہ پوچھو

حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جون اکيون بند ٿيون، قِسمت جاڳي پئي، دِل جا سلطان، محبوب آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي عاشِق کي ديدار ڪرائڻ جي لاءِ خواب ۾ تشريف وٺي آيا.

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ اچي فرمايائون: مَا هٰذِهِ الْجَفْوَةُ يَابِلَالُ! اي بِلال...! اها ڪهڙي بي وَفائي آهي؟ توهان اسان جي زيارت جي لاءِ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي...؟

مت دیکھ کہ پھرتا ہوں ترے ہجر میں زندہ یہ پوچھ کہ جینے میں مزہ ہے کہ نہیں

اللہ! اللہ! پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان ٻڌو، حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اک کلي پئي، سُواري تيار ڪري سَفرِ مدينه ڏانهن روانا ٿي ويا.

اَللہُ اَکْبَر! هڪ عاشِقِ رَسُول مديني جي سَفر ڏانهن آهن، مڪي آقا، مدني

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ گهرايو آهي، حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جي ڪيفيت ڇا هوندي؟ اهو تہ معلوم نٿو ڪري سگهجي، البتہ دِل ئي دِل ۾ حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اُن وقت جي ڪيفيتن جو تصور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو! حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه ڇا سوچيندا هوندا؟ ها! ها! جلد ئي مان مديني پاڪ جي گهٽين ۾ پهچي ويندس، جلد ئي مسجد نبوي شريف نظر ايندي، مديني پاڪ جا خُوبصورت دَر ۽ دِيوار هوندا، غريبن ڪي پالڻ واري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ گهرايو آهي، جلوه بہ ڏيکاريندا، ديدار جا جام بہ پيئاريندا.

ہے آرزُو یہ دِل کی، میں بھی مدینے جاؤں سلطانِ دوجہاں کو سب حالِ دِل دِکھاؤں

کاٹوں ہزار چکر طیبہ کی ہر گلی کے یُوں ہی گزار دُوں میں اَیّام زِندگی کے

پھولوں پہ جاں نثاروں، کانٹوں پہ دِل کو واروں ذَرّوں کو دُوں سلامی، دَر کی کروں غُلامی

دِیوار دَر کو چوموں، قدموں پہ سَر کو رَکھ دُوں محبوب سے لپٹ کر روتا رہوں برابر

الله! الله! سَفَر ڪندي ڪندي حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه کي مديني پاڪ جا دَر ۽ دِيوار نظر آيا هوندا، هي اهي گهڙيون آهن، جڏهن پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سَفَر تان واپسي تي سُواري کي تيز ڪندا هئا، ان وقت حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه جون ڪيفيتون ڇا هونديون؟ مديني پاڪ تي وسندڙ نُور، اتي جا روشن روشن در ۽ دِيوار ڏسي حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه بيتاب ٿي ويا هوندا، دِل ۾ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ديدار جي تڙپ ويتر وڌي وئي هوندي، دِل تڙپي رهي هوندي، ڌڙڪن تيز ٿي وئي هوندي.

اللهُ اَكْبَر! حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه مديني پاڪ پهتا پر افسوس! حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مَسجِد ۾ ناهن، اَزواج مطهرات جي حُجرن ۾ بہ نہ آهن، افسوس! غُلام کي مُلڪ شام مان گهرايو ۽ پاڻ پردي ۾ تشريف فرما آهن.

آخر حضرت بِلال رَضِيَ اللهُ عَنْه حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزار منور تي حاضِر ٿيا،

پنهنجو چهرو مزارِ پاڪ جي خاڪ تي مَلڻ لڳا ۽ گڏوگڏ روئيندا رهيا ڄڻ اهو عرض ڪري رهيا هئا:

اُٹھادو پردہ، دکھادو چہرہ کہ نُورِ باری حجاب میں ہے     زمانہ تاریک ہو رہا ہے کہ مہر کب سے نقاب میں ہے

مديني وارن کي حضرت بِلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي آمد جي خبر پئجي چڪي هئي، ڪيئي صحابي سڳورا عَلَيهِمُ الرِّضوَان مُؤذّنِ رَسُول سان ملڻ جي لاءِ حاضِر ٿيا، سلام، دُعا کان بعد سيني چيو: بِلال! اها اذان جيڪا اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻڌائيندو هُئين، اَڄ وري اها آذان ٻڌايو. حضرت بِلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ مَعذرت ڪئي ته هاڻي اها اذان نه ڏئي سگهندس، پهريان جڏهن آذان ڏيندو هئس، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَسُولُ الله چوندو هئس، سامهون وَالضُّحيٰ واري چهري جي زيارت ڪندو هيس، اَڄ جڏهن آذان ڏيندس، ديدار کان محروم رهندس ته دِل برداشت نه ڪري سگهندي، افسوس! اڄ مون کي هن فرمائش کان مُعَاف ڪيو! صحابي سڳورن عَلَيهِمُ الرِّضوَان زور پريو، حضرت بِلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ انڪار ڪيو، ايتري ۾ پياري آقا، رسولِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا نندڙا ڏوهٽا امام حَسَن ۽ امام حُسَين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا آيا، حضرت بِلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ٻنهي کي سيني سان لڳايو، پيار ڪيو، هاڻي ٻنهي شهزادن چيو: بلال! اسان جي نانا جان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جيڪا آذان ٻڌائيندو هُئين اَڄ وري اها آذان ٻيهر ٻڌايو، انهن شهزادن جي ڳالهه ڪيئن ٽاري سگهجي ٿي. حضرت بِلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ شهزادن جي حڪم تي ڪنڌ جهڪائي آذان ڏيڻ واري هنڌ اچي ڪنن تي هٿ رکي پُر سَوز آواز ۾ پڙهيائون:

اللّٰهُ اَكْبَرُ، اللّٰهُ اَكْبَرُ۔

آذان جو اهو پُرسَوز آواز مديني پاڪ ۾ گونجڻ لڳو، مديني پاڪ تي هڪ سڪتو طاري ٿي ويو، ڪُهرام مچي ويو، ماڻهن جا سڏڪا بلند ٿيا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ياد سان دِليون بي تاب ٿي ويون، نندڙا ٻار پنهنجي مائرن سان ياڪر پائي پڇندا هئا: امڙ سائڻ! حضرت

بِلال تہ اچي ويا، اسان جا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن تشريف فرما ٿيندا؟

حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ اَذان ڏئي رهيا هئا، مديني پاڪ ۾ قيامت جو منظر هو، جڏهن حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ پڙهيو: اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَسُوْلُ الله نگاهہ نوراني منبر تي پئي، منبر خالي هو، حضرت بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ يادِ مصطفيٰ ۾ تڙپڻ لڳا، دِل بي قابُو ٿي وئي ۽ شِدَّتِ غم سان غَش کائي زمين تي تشريف وني آيا. (سير اعلام النبلاء، جلد:3، صفحہ:222، زُلف زنجير، صفحہ:74تا77)

تمہارے ہجر میں کیوں زندگی نہ مشکل ہو تم ہی جگر ہو، تم ہی جان ہو، تم ہی دِل ہو

دِل ہجر کے درد سے بوجھل ہے، اب آن ملو تو بہتر ہو

اس بات سے ہم کو کیا مطلب، یہ کیسے ہو! یہ کیوں کر ہو!

اي عاشقانِ رسول! اهي عشقِ رسول جون ڪيفيتون آهن، الله پاڪ اسان کي بہ سَوزِ بِلال رَضِیَ اللہُ عَنْہ مان حِصّو نصيب فرمائي. پنهنجي دِل ۾ عشقِ رسول کي وڌايو! عشقِ رسول جي شمع کي وڌيڪ روشن ڪريو، ❖ درودِ پاڪ پڙهو! ❖ سُنتن تي هلو! ❖ تِلاوتِ قرآن جي عادَت بڻايو! ❖ رات جو تنهائي ۾ ويهي، گنبدِ خضراء جو تصور ڪري سوز پريون نعتون ٻڌو! ❖ سيرتِ مصطفيٰ (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) تي لکيل ڪتاب پڙهو! ❖ صحابہ ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضوَان جي سيرت پڙهو! ❖ اولياءِ ڪرام جي سيرت خاص ڪري انهن جي عشق رسول واريون ڪيفيتون پڙهو! اِن شَآءَ اللہ الڪرِيم! دِل ۾ عشق رسول جي شمع روشن ٿيندي.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهڻ بہ عشق رسول وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي، لهٰذا عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. اِن شَآءَ اللہ الڪرِيم! دِل روشن ٿيندي، عشقِ رسول نصيب

ٿيندو، محبتِ اِلٰهي نصيب ٿيندي ۽ دين ۽ دُنيا جون بي شُمار ڀلائيون هٿ ايندين. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم : مدني مذاڪرو بہ آهي.

شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر ڇنڇر جي رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براهِ راست (لائيو) سُوال جواب جو سلسلو ڪندا آهن، اوهان بہ مدني چينل تي پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ، ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيو.

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بهاؤ الدين (صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان پهريان مان فيشن جي هلاڪت خيز وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. هر وقت دل و دماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو ۽ نيڪين کان پري دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ مبلغ، دعوتِ اسلامي تحت ٿيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پُرڪيف ماحول، پُرسوز بيانات، سحرو افطار جا روحاني منظر تمام سٺا لڳا، وڌيڪ ڪرم اهو جو اميرِاهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علمي ۽ روحاني ”مدني مذاڪرن“ ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جو مير صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گناهن سان ڀريل انڌيري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني ڦهلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، الحمدلله ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتو.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اوقاتِ نماز(prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت ئي پياري موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”اوقاتِ نماز“ (prayer Times) جاري ڪئي آهي. ❖ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جا اوقات ۽ قبلي جو رُخ معلوم ڪري سگهجي ٿو. ❖ ان ڪان علاوه پنج ئي نمازن جي وقت جو ماهوارانہ ٽائم ٽيبل، اذڪار (روحاني علاج)، مدني چينل ريڊيو، نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (Silent) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ تَمَسَّكَ بِسُنَّتِيْ عِنْدَ فَسَادِ اُمَّتِيْ فَلَهٗ اَجْرُ مِائَةِ شَهِيْدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.

(زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207)

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش! یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے

(وسائل بخشش، صفحہ:115)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ”جانورن تي رحم ڪرڻ“سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

ﭜ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ : (1) توهان هنن بي زبان جانورن جي باري ۾ الله پاڪ کان ڊڄو، انهن تي ان وقت سوار ٿيو جڏهن اهي سٺي حالت ۾ هجن ۽ چڱي طرح انهن کي ڪارايو. (ابوداؤد، کتاب:جہاد، صفحہ:408، حدیث:2548) (2) هر ذي روح تي شفقت جو اجر ملي ٿو. (بخاری، کتاب :مظالم وغصب صفحہ:635، حدیث:2466)

اي عاشقانِ رسول! جانورن تي رحم ڪرڻ سُنّت مصطفيٰ آهي ❖ رحمتِ عالم نور مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانورن تي به وڏي شفقت ڪندا هئا ❖ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانورن جو فرياد ٻڌندا هئا ۽ انهن جي مدد ڪندا هئا ❖ هڪ ڀيري پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ اُٺ جي فرياد تي ان جي مالڪ کي فرمايو: توهان هن کي بکايل رکو ٿا ۽ ڪم گهڻو وٺو ٿا. (ابوداؤد، کتاب:جہاد، صفحہ:408، حدیث:2549 خلاصۃً) ❖ جيڪڏهن ڪو جانورن کي تڪليف ڏيندو هو ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کان ناراض ٿيندا هئا ❖ رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جانورن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ، انهن کي ٻڌي مارڻ، ۽ ان جو مُثلو ڪرڻ (يعني چهرو بگاڙڻ) کان منع ڪندا هئا. (سیرت رسول عربی، صفحہ:332تا 335ملتقطاً)

ہرن نے، اونٹ نے، چڑیوں نے کی یہی فریاد    کہ ان کے غم کا مداوا حضور جانتے ہیں

الله پاڪ اسان کي به سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي عمل ڪندي جانورن تي شفقت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277)

### ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

### ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

### ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١))

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد